SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1974

SINDH ORDINANCE NO.III OF 1974

سنڌ فني تعليم جو بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1974

THE SINDH BOARD OF TECHNICAL EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance XVI of 1970

3. 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of Section 7 of Sindh Ordinance XVI of 1970

4. 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of Sindh Ordinance XVI of 1970

5. 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعہ 12 جي ترميم
Amendment of Section 12 of Sindh Ordinance XVI of 1970

6. 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعات 16 ۽ 17 جي ترميم
Amendment of Sections 16 and 17 of Sindh Ordinance XVI of 1970

7. 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعہ 31 جو اضافو
Addition of Section 31 of Sindh Ordinance XVI of 1970

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1974
SINDH ORDINANCE NO.III OF 1974
سنڌ فني تعليم جو بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1974
THE SINDH BOARD OF TECHNICAL EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[12 فيبروري 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ فني تعليم جو بورڈ آرڈيننس، 1970 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ فني تعليم جو بورڈ آرڈيننس، 1970 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ فني تعليم جو بورڈ (ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي

2. سنڌ فني تعليم جو بورڈ آرڊيننس، 1970 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به مک آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 4 جي ذيلي

دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance XVI of 1970

دفعہ (1) ۾:

(a) شق (iii) ۾، لفظن "سنڌ انجنيئرنگ ڪاليج" لاءِ لفظ "سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج" متبادل ٿيندا؛

(b) شق (vii) ۾، لفظن ۽ ڪاما "تعليمي واڌارو ۽ خصوصي خدمتون سنڌ، حيدرآباد" لاءِ لفظ ۽ ڪامائون "نصاب جو بيورو، تعليمي واڌارو ۽ خصوصي خدمتون، سنڌ" متبادل ٿيندا؛

(c) شق (ix)، (x) ۽ (xi) ۾، لفظ "حڪومت" لاءِ لفظ "ڪنٽرولنگ اٿارٽي" متبادل ٿيندا؛

(d) شق (xi) ۾، لفظ "۽" ختم ڪيو ويندو.

(e) شق (xii) لاءِ هيٺين شق متبادل ٿيندي:

"(xii) به ماڻهو ڪنٽرولنگ اٿارٽي طرفان نامزد ڪيا ويندا."؛

۽

(f) شق (xii) کانپوءِ هيٺيون شقون (xiii)، (xiv) ۽ (xv) شامل ڪيون ويندیون:

"(xiii) هڪ صنعتڪار ڪنٽرولنگ اٿارٽي طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(xiv) سينٽرل ڪائونسل، انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرس پاڪستان، جو هڪ ميمبر، جيڪو سنڌ ۾ اداري جي ڪنهن مقامي مرڪز سان تعلق رکندو هجي، ڪنٽرولنگ اٿارٽي طرفان نامزد ڪيو ويندو؛ ۽

(xv) چوڪرين لاءِ ووڪيشنل ادارن، ڊائريڪٽوريٽ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن، سنڌ جا ڊپٽي ڊائريڪٽرس."

3. مڪ آرڊيننس جي دفعہ 7 ۾، انگ "5" لاءِ انگ "4" متبادل ٿيندو.

1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي

دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of Section 7 of Sindh Ordinance XVI of 1970

4.مک آردیننس جي دفعہ 10 ۾ لفظ "سيڪريٽري" لاءِ لفظ "وزير" متبادل ٿيندو.

1970 جي سنڌ آردیننس XVI جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of Sindh Ordinance XVI of 1970

5.مک آردیننس جي دفعہ 12 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ شق (i) کانپوءِ، هيٺين ريت شق (i_a) جو اضافو ڪيو ويندو:
"(i_a) ڏگري سطح کان هيٺ ٽيڪنيکل، ووڪيشنل، انڊسٽريل ۽ ڪمرشل تعليم جي ترقي جو لازمي رجسٽريشن ذريعي انتظام ڪرڻ؛".

1970 جي سنڌ آردیننس XVI جي دفعہ 12 جي ترميم
Amendment of Section 12 of Sindh Ordinance XVI of 1970

6.مک آردیننس جي دفعہ 16 ۽ 17 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ "حڪومت" لاءِ لفظ "ڪنٽرولنگ اٿارٽي" متبادل ٿيندا.

1970 جي سنڌ آردیننس XVI جي دفعات 16 ۽ 17 جي

ترميم
Amendment of Sections 16 and 17 of Sindh Ordinance XVI of 1970
1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي

دفعہ 31 جو اضافو
Addition of Section 31 of Sindh Ordinance XVI of 1970

7.مک آرڈیننس ۾ دفعہ 30 کانپوءِ هيٺين ريت دفعہ 31 شامل ڪئي ويندي:

(محفوظ ڪرڻ) "31. اولهہ پاڪستان فني تعليم جو بورڊ يا ڪنهن ٻئي بورڊ انهيءَ جي طرفان پهرين جولاءِ 1970 تي يا ان کان پوءِ سنڌ صوبي سان لاڳاپيل ادارن بابت جو ڪجهہ ڪيو ويو ڪارروائي ڪئي وئي يا قدم کنيو ويو حق يا اثاثا حاصل ڪيا ويا، ذميواريون ۽ رهتون لهڻيون ويون، ماڻهو مقرر ڪيا ويا يا بااختيار بڻايا ويا، حد يا اختيار جي توثيق ڪئي وئي، انڊومينٽ، بيڪويسٽ يا فنڊ قائم ڪيو ويو، چندو يا گرانٽ ڏني وئي، اسڪالر شپ يا ايوارڊ جوڙيو ويو ڪنهن کي مجتا ڏني وئي، حڪم ڪيو ويو، قاعدا ۽ ضابطا جوڙيا ويا تہ سمجهيو ويندو تہ اهي صحيح طريقي سان ڪيا ويا آهن، قدم کنيا ويا آهن، ڪجهہ حاصل ڪيو ويو آهي، ڪجهہ قبول ڪيو ويو آهي، مقرر ڪيو ويو آهي، بااختيار بڻايو ويو آهي، مليو آهي، ناهيو ويو آهي، ڏنو ويو آهي، جاري ڪيو ويو آهي اهو هن آرڊيننس تحت جوڙيل بورڊ ڪيو آهي.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.